## سيل ٿيل عمارتن جي تفتيش

# ’شهري‘ جو موقف

قاضي فائز عيسيٰ سيل ٿيل عمارتن جي بحران متعلق مسئلن ۽ موجوده صورتحال جي خاتمي جي باري ۾ ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جي هاٺوڪين ڪوششن جي يقين لائق هئڻ جي باري ۾ تفصيلي طور خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

عظيم تر ڪراچي شهر جي شهرين جي پٺيءَ ۾ هڪ ڀيرو وري خنجر ٽنبيو ويو آهي، جنهن جي رپورٽ ’شهري‘ بهتر ماحول لاءِ ڪي پنهنجن ذريعن کان ملي آهي. جيڪا ’آباد‘ جي ميمبرن جي سيل ٿيل پراجيڪٽن جي باري ۾ تحقيقات جي لاءِ قائم ٿيل ڪميٽيءَ مرتب ڪئي آهي. (جڏهن ته ان رپورٽ جي نقل ڪاپي ’شهري‘ کي ڏيڻ لاءِ درخواست ڪئي وئي ته ڪمشنر ڪراچي يا ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي جي طرفان ان جو ڪوبه جواب نه ڏنو ويو) ان ڪميٽيءَ جي تشڪيل، ان جو طريقهءِ ڪار ۽ ان جون سفارشون اعتراض جوڳيون آهن.

## تشڪيل/ جوڙجڪ

هيءَ ڪميٽي ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جي ٻن ملازمن تي ٻڌل آهي. اٿارٽي اڏاوتي قانونن تي عمل ڪرائڻ جي لاءِ ذميوار آهي، پر اها پنهنجين قانوني ذميوارين پورين ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. جنهن جو سبب غفلت، لاپرواهي يا شعوري طور تي نتائڻ يا ٻئي ڳالهيون آهن. ڪميٽي جا باقي ميمبر ايسوسي ايشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز جا ميمبر آهن. ايسوسيئيشن جي ميمبرن خلاف تحقيقات ٿي رهي آهي، ان ڪري ظاهر آهي ته اهي ڪميٽيءَ جي ڪارروائيءَ تي اثرانداز ٿيندا. جيڪڏهن ڪميٽيءَ ۾ ايسوسي ايشن جو هڪ نمائندو شامل هجي ها ته اعتراض نه ٿئي ها، پر وڏي تعداد ۾ ’آباد‘ جي ميمبرن جي ڪاميٽيءَ ۾ شموليت سان ڪميٽيءَ مان انصاف جي توقع رکڻ اجائي آهي. اهڙي ڪميٽيءَ جي تشڪيل مان ئي اعتماد ختم ٿي چڪو آهي ۽ هر شهري ان سلسلي ۾ سوال ڪرڻ ۾ حق بجانب آهي ته:

* ڪميٽيءَ ۾ معاملن جي ڄاڻ رکندڙ شهرين کي ڇو نه شامل ڪيو ويو؟
* غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن کي ميمبر جي حيثيت ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڇو نه ڏني وئي؟
* ڪميٽي صرف دلچسپي رکندڙ پارٽين تي ٻڌل هئڻ ڪري، ان جي رپورٽ يا سفارش اعتبار جي لائق نه رهي آهي.

## ڪميٽيءَ جو طريقهءِ ڪار

ڪميٽيءَ انتهائي ڳجهي نموني ڪم ڪيو، دلچسپي رکندڙ پارٽين يا لاڳاپيل شهرين کي پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ ڪوبه پبلڪ نوٽيس نه ڏنو ويو. نه ئي خودمختيار ماهرن، پيشه ور تنظيمن يا ماحولياتي غيرسرڪاري تنظيمن کي پنهنجي ماهراڻي راءِ ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي. رپورٽ ۾ جنهن اڪيلي راءِ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اها ’آباد‘ جي هئي. (ڪميٽيءَ جا پنجن مان ٽي ميمبر ’آباد‘ جا ميمبر آهن). رپورٽ ۾ ان ڳالهه جو ڪوبه ذڪر نه آهي ته، ڪميٽيءَ جا اجلاس ڪڏهن، ڪيترا دفعا ۽ ڪٿي ٿيا. ذڪر ڪيل رپورٽ ۾ ان ڳالهه جو به ذڪر نه آهي ته ان سلسلي ۾ ڪنهن اڳوڻي رپورٽ تي به غور ڪيو ويو، قانونن جو جائزو ورتو ويو يا ماهرن کان مشورو ورتو ويو.

## ڪميٽيءَ جون سفارشون

ڪميٽيءَ معاملن جو باقاعده ۽ مناسب طور تي تجزيو ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو هي فيصلو صادر ڪيو ته:

”خلاف ورزي جي انهن معاملن کي هڪ اهڙو ڪم سمجهيو وڃي، جيڪو ٻهريائين ٿي چڪو آهي ۽ ان سلسلي ۾ بهترين رستو اهو آهي ته ڪي ڊي اي جي گورننگ باڊي پنهنجي قرارداد نمبر 1993/879ع ۾ جيڪي اضافي فيون ۽ ٻيون رهتون مقرر ڪيون آهن، انهن جي ادائگي کان پوءِ انهن معاملن کي قاعدن جي مطابق قرار ڏنو وڃي.“

”جيڪڏهن انهن علائقن کي باقاعده ڪرڻ جي تجويز منظور ڪئي وڃي ته ان جي لاءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس جي شق 19 (1-الف) ۾ ضروري ترميم ڪرڻ جي ضرورت پوندي.“

جيڪڏهن ذڪر ڪيل ڪميٽيءَ جي سفارش تي ڪهڙي ( ) طرح عمل ڪيو ويو ته ان سان شهرين جا حق بريءَ طرح متاثر ٿيندا.

(1) ان سان هي اصول ثابت ٿيندو ته جرم ڪرڻ وارو فائدي ۾ رهندو آهي.

(2) ان سان ماڻهن کي هيءَ هُشي ملندي ته اهي قانون جي پابندي نه ڪن، ڇو ته قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ کان پوءِ هي دليل ڏئي سگهجي ٿو ته اهو ڪم ته ٿي چڪو آهي.

(3) ان سان غيرقانوني مسئلا ۽ پيچيدگيون پيدا ٿينديون. مثلاً مستقبل ۾ جيڪڏهن ٻيا ماڻهو اڏاوتي قانون جي خلاف ورزي ڪن ۽ انهن کي باقاعده Regular نه ڪيو ويو ته هيءَ دعويٰ ڪري سگهن ٿا ته انهن جي خلاف انتقامي ڪارروائي ٿي آهي يا انهن سان امتياز روا رکيو ويو آهي. ڊپارٽمينٽل طريقهءِ ڪار کي هڪ طرفي طور تي پنهنجي مرضيءَ سان نه ٿو بدلائي سگهجي ۽ اهو به قانون ٽوڙيندڙن جي سهوليت جي خاطر.

(4) ڪميٽيءَ اهو تسليم ڪيو ته ريگيولرائيزيشن جي لاءِ قانون جي شق 19 (1- الف) ۾ ترميم ڪرڻي پوندي، ان ڪري ڪميٽيءَ جي سفارش تي عمل ڪرڻ جي لاءِ قانون ۾ تبديليءَ جي ضرورت پوندي. اهڙي سفارش ڪري ڪميٽيءَ پنهنجي اختيار جي حدن کي اورانگهيو آهي. ڪميٽيءَ مان هيءَ توقع ڪئي وئي هئي ته اها موجوده قانونن جي دائري ۾ رهندي پنهنجون سفارشون ڪندي. ڪميٽي مان هيءَ توقع هرگز نه ڪئي وئي هئي ته اها چند بلڊرن کي فائدو پهچائڻ لاءِ قانون تبديل ڪرڻ جو مشورو ڏيندي. جيڪڏهن مقننه ڪميٽيءَ جي سفارش تي عمل ڪندي ته سخت نڪته چيني ٿيندي ۽ مڪر ۽ فريب جو الزام لڳندو.

## ڪميٽيءَ تي تبصرو

ڪميٽي نه صرف انهن بلڊرز جي حمايت ڪئي، جيڪي قانون ٽوڙين ٿا پر ان کان به هڪ قدم اڳتي وڌي انهن جي مڪمل حمايت ڪئي. ان سلسلي ۾ رپورٽ جو هيٺيون ٽڪرو شهرين جي لاءِ اشارو آهي.

”هي تجويز ڪيو وڃي ٿو ته

انهن معاملن جو فيصلو انهن خدمتن کي نظر ۾ رکندي ڪيو وڃي جيڪي 'آباد' جا ميمبر بي گهر ماڻهن کي پناهه جي لاءِ جڳهه ڏيڻ جي سلسلي ۾ سرانجام ڏئي ڪري رهيا آهن."

هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ جوڳي آهي ته ڪميٽيءَ ۾ 'آباد' جا ميمبر ته اهو بيان ڏيئي سگهن ٿا پر حيرت جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪي بي سي اي جو ڪنٽرولر ۽ ڊپٽي ڪنٽرولر به ان جي توثيق ڪري رهيا آهن. 'آباد' جا ميمبر هن دنيا جا 'ايڌي' ڪونه آهن، جو اهي خلق جي خدمت ڪري رهيا هجن، پر اهي پنهنجي ڪاروبار مان نفعو حاصل ڪرڻ جي توقع رکن ٿا. هڪ بلڊر عام طور تي گرائونڊ فلور جي تعمير سان ئي زمين تي ڪيل سرمائي ڪاري واپس ڪڍي وٺي ٿو ۽ هر اضافي منزل جي اڏاوت سان ان کي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ نفعو ٿئي ٿو. جڏهن ايڏي وڏي نفعي جو سوال هجي ته پوءِ بدعنوانين جو ڪهڙو ڳڻتو؟ پوءِ ان معاملي ۾ سياستدانن ۽ بدعنوان ڪي بي سي اي جي عملدارن جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن ٿيون ته جيئن عمارت وڌ کان وڌ بلند ٿي سگهي ۽ ڪليل جڳهن جي قانونن کي پائمال ڪري سگهجي. ان صورتحال ۾ جڏهن ڪي بي سي اي تي عوام جو دٻاءُ وڌندو آهي ته ڪارروائي ڪئي وڃي ته پوءِ ريگيولرائيزيشن جي تجويز ڏني ويندي آهي.

هيءَ نام نهاد ريگيولرائيزيشن قانون ۽ نظم ۽ ضبط جي اصولن تي قائم معاشري جي تصور جي قطعاً ابتڙ آهي. جيڪڏهن ريگيولرائيزيشن کي ئي واحد حل تسليم ڪيو وڃي ته پوءِ سمورن اڏاوتي قانونن ۽ ريگيوليٽري ادارن کي ختم ڪيو وڃي ۽ هر قسم جي اڏاوتي سرگرمين جي لاءِ صرف 'ريگيولرائيزيشن فِي' جي هڪ اسڪيم برقرار رکي وڃي.

ان اسڪيم جو مقولو هي هجڻ گهرجي ته، "اڏاوت ڪندا وڃو ۽ ادائگي به ڪندا وڃو." پر هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته ڪي بي سي اي اهڙي سفارش هرگز نه ڪندي ۽ نه ئي پارليامينٽ ان جي حمايت ڪندي، ڇو ته ان جي نتيجي ۾ بدعنوان بلڊنگ اٿارٽيز ۽ سياستدانن جي هٿان امتيازي اختيار ڦرجي ويندا ۽ جيڪا شيءِ قانوني طور خريد ڪري سگهجي ٿي، ان لاءِ رشوت ڏني نه ٿي سگهجي.

## آئيندي جي راهه

هڪ سال کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي، جو ان ڪميٽيءَ اها رپورٽ پيش ڪئي هئي، جيڪا ان وقت جي ايڊمنسٽريٽر ڪي ايم سي فهيم الزمان سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس 1979ع ۾ ترميمون تجويز ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي هئي. هيءَ ڪميٽي هيٺين پيشه ور ماهرن تي مشتمل هئي.

جناب نعيم الرحمان بار آئٽ لاءَ، جناب عارف حسن آرڪيٽيڪٽ، جناب رئوف اختر فاروقي ان وقت چيف ڪنٽرول بلڊنگ ڪي بي سي اي، ڪي ڊي اي جو نمائندو جناب مخدوم علي خان بئريسٽر ائٽ لا، قاضي فائز عيسيٰ بئريسٽر ائٽ لا، پروفيسر محمد نعمان، ايڊمنسٽريٽر جي فني مشير جي حيثيت سان ڪميٽيءَ جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪندا رهيا.

ڪميٽيءَ ٽن مهينن جي عرصي ۾ ڪيترائي اجلاس ڪيا ۽ ترميمون تجويز ڪيون، جن کي سمورن ميمبرن متفقه طور تي قبوليو هو. هي معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته هڪ سال گذرڻ کان پوءِ به حڪومت انهن سفارشن

**ڪميٽيءَ انتهائي ڳجهي نموني ڪم ڪيو، دلچسپي رکندڙ پارٽين يا لاڳاپيل شهرين کي پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ ڪوبه پبلڪ نوٽيس نه ڏنو ويو. نه ئي خودمختيار ماهرن، پيشه ور تنظيمن يا ماحولياتي غيرسرڪاري تنظيمن کي پنهنجي ماهراڻي راءِ ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي**

جي سلسلي ۾ ڪابه ڪارروائي ڇو نه ڪئي. جيڪڏهن اهي ترميمون تجويز مطابق عمل ۾ آنديون وڃن ها ته اهڙن ڪيترن ئي مسئلن کان بچي سگهجي ها، جيڪي اڄ اڏو آهن. تجويز ڪيل ترميمن ۾ هي سفارشون شامل هيون.

(1) ڪي بي سي اي جي ڪارڪردگيءَ جي نگرانيءَ لاءِ هڪ مستقل ڪميٽي قائم ڪئي وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ڪميٽي سياسي دٻاءَ کان آزاد هجي ۽ خالص پيشه ورانه انداز ۾ ڪم ڪري، ان ڪري هي تجويز ڪيو ويو ته ڪميٽيءَ جي ستن ميمبرن مان هڪ وڪيل، هڪ آرڪيٽيڪٽ، هڪ ٽائون پلانر ۽ هڪ انجنيئر شامل هجن ۽ انهن جو مدو ٽي سال مقرر ڪيل هجي.

(2) ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عوام کي جڳهيءَ طرح خبر هجي ته بلڊر کي عمارت جي تعمير جي اجازت ڏني وئي آهي ته جيئن بي خبر شهري پنهنجي رقم غيرمجاز منصوبن ۾ نه ٻوڙين.

هي به تجويز ڪيو ويو ته:....

"هر ڊيولپر ۽ بلڊر پنهنجي اڏاوتي سائيٽ تي هڪ سائن بورڊ لڳائيندو، جنهن تي ان اٿارٽيءَ جو نالو لڳائيندو، جنهن ان منصوبي جي اجازت ڏني آهي. اتي اهو منظور ٿيل پلان به هوندو، جنهن تي سائيٽ جي مالڪ، ڊيولپر، بلڊر، آرڪيٽيڪٽ ۽ لاڳاپيل انجنيئر جا نالا ۽ ائڊريس لکيل هوندا. انهن شرطن جي پورائي جي ناڪامي جي صورت ۾ هي سمجهيو ويندو ته پلاٽ تي اڏاوت لاڳاپيل اٿارٽي جي منظوريءَ کان سواءِ ڪئي پئي وڃي ۽ ان تي لاڳاپيل اٿارٽي طرفان مناسب ڪارروائي ڪئي ويندي."

(3) عوام کي وڌيڪ تحفظ ڏيڻ ۽ غيرقانوني عمارتن ۾ ٺڳ پارٽي جو مفاد پيدا ڪرڻ جي روڪٿام لاءِ هي تجويز ڪيو ويو ته.....

"هِين نافذ ٿيل قانونن کان قطع نظر رجسٽريشن ايڪٽ 1908ع جي تحت ڪنهن به قسم جي عمارت جي وڪري ۽ ليز جي رجسٽريشن ان وقت تائين ناقابل عمل نه هوندي، جيستائين ان عمارت جي لاءِ لاڳاپيل اٿارٽي جي طرفان جاري ڪيل تڪميل جو سرٽيفڪيٽ ذميوار رجسٽريشن آفيس کي نه ڏيکاريو وڃي ۽ ان جي هڪ نقل ڪاپي وڪري يا ليز جي دستاويز سان گڏ شامل نه ڪئي وڃي."

(4) عوام کي ڌوڪي ڏيڻ کان وڌيڪ محفوظ رکڻ جي لاءِ هي تجويز ڪيو ويو ته...

"ڊيولپر يا بلڊر اٿارٽي وٽ پراجيڪٽ جي ماليت جي 2 سيڪڙو جي برابر رقم جمع ڪرائيندو ته جيئن ان رقم مان الاٽي يا منتقلي ڪرائڻ واري جي دعويٰ جي ادائيگي ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪابه دعويٰ هجي ته ان جي ادائيگي کان پوءِ اٿارٽي باقي رقم جيڪا گورنمينٽ سيڪيورٽيز ۾ هڻي وئي هئي، ٻارنهن مهينن جي اندر منافعي يا مارڪ اپ سان بلڊر کي موٽائي ڏيندي."

(5) ان ڳالهه جي ضمانت لاءِ ته اٿارٽيءَ جي ملازمن تي ڪنهن به قسم جو سياسي يا ڪوبه دٻاءُ نه وڌو ويندو ۽ ديانتدار ملازمن جي حوصله افزائي ۽ بدعنوان ۽ نااهل ماڻهن جي حوصله شڪني جي لاءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس ۾ مڪمل تحفظ جي هيٺين شق جو واڌارو ڪيو ويندو.

"اٿارٽي جي ڪنهن به آفيسر جي طرفان بدديانتي يا بدعنواني جي صورت ۾ ڪميٽي کي شڪايت ڪئي ويندي، جيڪا مناسب تحقيقات کان پوءِ حڪومت کي سفارش ڪندي ته ان آفيسر کي برطرف يا معطل ڪيو وڃي، ڏنڊ وڌو وڃي يا وارننگ ڏني وڃي ۽ ان کي ان آفيسر جي ساليانې خفيه رپورٽ ۾ شامل ڪيو وڃي.

## وضاحت

'بدعنواني' جي اصطلاح مان مراد ڪنهن سرڪاري ملازم يا اٿارٽيءَ جي ڪنهن آفيسر جي طرف کان آرڊيننس يا قاعدن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي آهي.

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس جي وڌيڪ اصلاح ۽ انکي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جي لاءِ ان ۾ وڌيڪ واڌارن ۽ اصلاحن جي تجويز پيش ڪئي وئي. انهن ترميمن تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي اهو اندازو ٿي ويندو ته جيڪڏهن اهي اصلاحات نافذ ڪيا وڃن ها ته ان صورتحال کان آسانيءَ سان بچي سگهجي پيو. جيڪا هاڻي سامهون آهي. اهڙن پيشه ور فردن جن جو ڪوبه مفاد نه آهي، ٽن اڏاوتي قانونن کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ رضاڪارانه طور هي تفصيلي تجويزون پيش ڪيون آهن ۽ حڪومت جي سهوليت ۽ وقت بچائڻ جي لاءِ قاعدن جو مسودو به پيش ڪيو آهي، جنهن کي مقننه منظور ڪري عمل ۾ آڻي سگهي ٿي، پر اڃا تائين ته پاڻنجي ته اهو سڀ ڪجهه زبان تي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ واقعي هي سوال ڪري سگهجي ٿو ته جڏهن صورتحال جي سڌاري لاءِ نيون تجويزون پيش ڪيون وينديون آهن ته پوءِ انهن تي عمل ڇو ڪونه ڪيو ويندو آهي؟

*(قاضي فائز عيسيٰ 'شهري' جو چيئرپرسن ۽ قانوني سب ڪميٽي جو ميمبر آهي)*

’شهري‘ خصوصي رپورٽ



# سنڌ جا مَنگهه

حيدرآباد ۽ اندرونِ سنڌ جي گهرن کي هوادار ۽ روشن رکڻ لاءِ ’منگهه‘ تعمير ڪيا وڃن ٿا. هي منفرد طريقو گذريل ٻن سؤ سالن کان وڏي ڪاميابيءَ سان رائج آهي.

ترقي يافته دنيا ۾ عمارتن ۽ رهائشي منصوبن ۾ توانائيءَ جي بچت لاءِ نت نوان طريقا استعمال ڪيا پيا وڃن. توانائي جي مؤثر ۽ باڪفايت استعمال لاءِ گهرن جا نت نوان ڊزائين متعارف ڪرايا پيا وڃن. ان جي ضرورت ان ڪري پيش آئي آهي ته اسان کي هي احساس ٿي ويو آهي ته اسان پنهنجي توانائي جي محدود وسيلن کي تيزيءَ سان خرچ ڪري رهيا آهيون ۽ انهيءَ عمل سان اسان پنهنجي ماحول کي به آلوده ۽ گندو ڪري رهيا آهيون.

اسان جي خطي ۾ گذريل هڪ ٻه سؤ سالن کان گهرن کي هوادار ۽ روشن رکڻ جي لاءِ قدرتي هوا کي استعمال ڪرڻ جو هڪ منفرد طريقو وڏي ڪاميابيءَ



روايتي منگهه

سان هلندڙ آهي. حيدرآباد شهر ۽ اندرئين سنڌ ۾ گهرن کي هوادار بنائڻ ۽ روشن رکڻ لاءِ گهرن تي ’منگهه‘ تعمير ڪيا ويندا آهن. اهڙا ’منگهه‘ اڄ به پراڻن گهرن جي ڇتين تي ڏسي سگهجن ٿا.

’منگهه‘ جي تعمير هن ٽيڪنڪ تي ٿيندي هئي ته ڇت جي هڪ ڪنڊ جو تقريباً 3 × 3 چورس فوٽن جو حصو کليل ڇڏيو ويندو هو. ان جو اڌ حصو ديوار سان روڪيو ويندو هو. چورس شڪل جي سوراخ تي لوهه جي سيخن جو جار بنايو ويندو هو ته جيئن ڪابه وڏي شيءِ ڪمري ۾ نه ڪري. ان سوراخ جو ڍڪ انجيس سان جڙيل هوند هو ته جيئن گهر ۾ رهندڙ ان کي ضرورت مطابق کولي ۽ بند ڪري سگهن. اندرئين سنڌ جي انهن علائقن ۾ جيئن ته هڪ هوائي سرنگهه موجود هوندي آهي، ان ڪري اهي ’منگهه‘ هوا کي ڇڪڻ ۽ ان کي هيٺ ڪمرن ۾ پهچائڻ جو مؤثر ذريعو ثابت ٿين ٿا. ايئر ڪنڊيشنر ۽ بجليءَ جي پکن جي دؤر کان پهريائين سنڌ جي شديد گرم موسم ۾ گرميءَ کان بچاءَ جو هي واحد طريقو هو.

هاڻي نون گهرن جي ناهڻ ۾ ’منگهن‘ جو استعمال وڏي حد تائين گهٽجي رهيو آهي، ڇو ته هاڻي گهرن ۾ جديد سهوليتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. حيدرآباد جي هڪ شهريءَ جو چوڻ آهي ته، ”’منگهن‘ جي افاديت هاڻي ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي اهي صرف ماضيءَ جا يادگار وڃي رهيا آهن.“ پر ان جو مقصد هرگز هي ڪونه آهي ته، ’منگهه‘ جديد ٽيڪنالوجي جي ترقيءَ جي ڪري بيڪار ٿي ويا آهن.

جيئن پهريائين ذڪر ڪيو ويو آهي ته ترقي يافته دنيا پنهنجيون ترجيحون تبديل ڪري رهي آهي ۽ توانائيءَ جي باڪفالت استعمال جي ماحول دوست طريقي کي اختيار ڪري رهي آهي، جنهن ۾ شمسي توانائي، هوائي توانائي ۽ ساموندي لهرن جي توانائي شامل آهن.

پاڪستان جهڙو گهٽ ترقي يافته ملڪ، جيڪو توانائيءَ جي بحران جو شڪار آهي، اُتي خاص طور تي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اهڙن طريقن جي استعمال جي ايڊووڪيسي جي ضرورت آهي.

اسان کي اهڙين سرگرمين جي حوصله شڪني ڪرڻ بجاءِ حوصله افزائي ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي فائدي جو شمار نه صرف مالي پر ماحول جي بچاءَ جي اعتبار کان به ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اسان جو ماحول اڳ ۾ ئي گهڻي ماحولياتي آلودگيءَ جو شڪار آهي.

تا ۽ ٻين قسمن جي خلاف جهنگلي حياتيءَ جي گهٽائيءَ جي گهٽتائيءَ جو سبب بڻجندا آهن. دوائن جي استعمال جي ڪري، ڪجهه قسمن جي ڪيڙن جي ختم ٿيڻ ڪري هڪ قدرتي خال پيدا ٿي پوي ٿو. جنهن کي 'ماحولياتي شگاف' جو نالو ڏنو ٿو وڃي. ان خال کي پرڻ لاءِ اهي ڪيڙا/ جيت اڳتي وڌن ٿا، جن کي ختم ٿي وڃڻ وارن ڪيڙن/ جيتن ڪنٽرول ۾ رکيو هو. ماحولياتي سسٽم ۾ اها تبديلي وڌيڪ تبديليءَ کي پيدا ڪرڻ جو سبب ٿئي ٿي.

ڪپهه تي حملو ڪندڙ ٻه وڏا ڪيڙا/ جيت سنڍي ۽ اڇي مک ڪپهه جي فصل تي حملو ڪندڙ ڪيڙن/ جيتن جي تعداد جو 60 سيڪڙو آهن. ڪپهه جو فصل پاڪستان ۾ معيشت جي ڪرنگهي جي هڏيءَ واري حيثيت رکي ٿو. اثر ختم ڪري ڇڏڻ وارين دوائن مان 80 ڪان وڌيڪ اهڙيون دوائون آهي، جن کي ڪپهه تي حملو ڪندڙ سنڍين جي خلاف استعمال ڪيو ٿو وڃي. پاڪستان ۾ استعمال ٿيندڙ جراثيم ڪش دوائن جو 90 سيڪڙو ڪپهه جي فصل کي بچائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

جيئن جيئن نقصان ڏيندڙ ڪيڙن ماڪوڙن کي تباهه ڪرڻ مشڪل ٿي رهيو آهي، آبادگار انهن تي وڌيڪ زهريليون دوائون ڇٽڪارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جنهن جو نتيجو ماحولياتي آلودگي ۽ انهن جاندارن جي قسمن جي تباهيءَ جي صورت ۾ نڪري رهيو آهي، جيڪي قدرتي طور تي نقصان ڏيندڙ قسمن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. پاڪستان ايگري ڪلچرل ريسرچ ڪائونسل جي يوسف حيات خان مطابق: گذريل سال ڪنهن به ڪنٽرول جي نه هئڻ سبب اڇي مک جي آبادي ڏهه لک في ايڪڙ جي حساب کان به وڌي ويئي.

1992 -93ع جي دؤران ڪپهه جي پن تي وائرس جي حملي جي ڪري ڪپهه جي فصل ۾ جيڪا گهٽتائي ٿي، ان متعلق: (SDPL) جي طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب 20 بلين رپين جو نقصان ٿيو. مقامي ٽيڪسٽائيل صنعت کي هلائڻ لاءِ حڪومت کي ڪپهه ٻاهران گهرائڻي پئي.

اهڙيءَ طرح 95-1994ع جي دؤران ڪپهه جي فصل تي سنڍيءَ جي حملي جي ڪري ڪاٽو لڳايل 9.5 ملين ڳنڍڙين جي مقابلي ۾ صرف 7.6 ملين ڳنڍڙيون حاصل ٿيون. پنجاب ۾ ڪپهه جي فصل تي سنڍيءَ جو هي حملو غيرمتوقع ۽ حيران ڪندڙ هو.



**جيئن جيئن نقصان ڏيندڙ ڪيڙن ماڪوڙن کي تباهه ڪرڻ مشڪل ٿي رهيو آهي، آبادگار انهن تي وڌيڪ زهريليون دوائون ڇٽڪارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جنهن جو نتيجو ماحولياتي آلودگي جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.**

وائرس جي هڪ مشهور ماهر سيد خالد جي مطابق: 93-1992ع جي دؤران ڪپهه جي پن تي وائرس جو حملو اڇي مک جي آباديءَ ۾ بي پناهه واڌاري جي ڪري ٿيو. ڇو ته ڪيڙن/ جيتن جي ان قسم زهريلين دوائن جي خلاف بچاءَ واري قوت پيدا ڪري ورتي هئي. نيشنل ايگريڪلچرل ريسرچ سينٽر اسلام آباد جي ليبارٽري ۾ ڪم ڪندي، هن اهو وائرس 1992ع ۾ پهريون دفعو دريافت ڪيو هو.

"جينوٽيڪ ان وائرس تي ڪنٽرول ڪيو ويو آهي، پر ان جي باوجود ان ڳالهه جو خطرو موجود آهي ته هي وائرس هڪ دفعو ٻيهر حملو ڪري سگهي ٿو يا وڌيڪ فصل يا ٻوٽا ان جي زد ۾ اچي سگهن ٿا."

## جوابن جي ڳولا

زهريلين دوائن جي خلاف قوت مدافت ۽ اڇي مک جي وڌندڙ آبادي 89-1988ع ۾ آبادگارن ۾ پهريون ڀيرو توجهه جو مرڪز بني. 1980ع جي وچ ڌاري اڇي مک خطرناڪ ڪيڙن/ جيتن ۾ شمار ٿيندي هئي. سنڍيءَ جي وبا پهريون ڀيرو 1994ع ۾ منظرعام تي آئي. پر تڏهن به ڪنهن ان جي خطرن طرف توجهه نه ڏنو ۽ جيڪو نتيجو ظاهر ٿيو، اهو هي آهي ته آبادگار ڪيڙن، ماڪوڙن ۽ جيتن خلاف هڪ ختم نه ٿيندڙ جنگ ۾ رڌل آهن.

ماهرن جو خيال آهي ته اڇي مک ۽ سنڍين کان سواءِ ڪپهه تي حملو ڪندڙ ٻين جيتن تي به ان سلسلي ۾ تحقيق ٿيڻ گهرجي. ان تحقيقي دائري ۾ ڪم سرانجام ڏيڻ جو عزم ئي پاڪستان جي زراعت کي استحڪام ڏيڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. گهڻن ماهرن جي راءِ ۾ ان سان گڏوگڏ ئي ملڪ جو سياسي استحڪام پڻ ڳنڍيل آهي. 1992ع جي دؤران ڪپهه جي فصل کي تمام گهڻو نقصان پهتو.
(جهد حق جي ٿورن سان)

**اوهان هيٺيون شيون ٻيهر استعمال لائق بڻائي سگهو ٿا.**

* ڊاٽو يا لوهه مان ٺاهيل دٻا وغيره.
* شيمپو ۽ پاڻيءَ جون بوتلون ۽ پلاسٽڪ جو ٿيلهيون وغيره.
* مختلف ڪم لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻي جا دٻا.
* استعمال ٿيل ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون.
* لفافا ۽ هڪ پاسي لکيل ڪاغذ.